# امير اهلِ سنّت کان نمازِ وتر جي باري ۾ سوال جواب

سنڌي




پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفكربيروت)



طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: **امير اهلِ سنّت کان نمازِ وتر جي باري ۾ سوال جواب**

ڇاپو پهريون: رمضان المبارڪ 1443ھ اَپريل 2021ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني ءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه
مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

# امير اهلِ سنّت کان نمازِ وتر جي باري ۾ سوال جواب

## پيشڪش

اسلامڪ ريسرچ سينٽر (دعوت اسلامي)

## ترجمو

ترانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ترانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ:

ترانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.ne

# فهرست

اميراهلِ سنّت کان نمازِ وتر جي باري ۾ سوال جواب ............. 1
دعاءِ جانشين اميرِاهلسنّت .............................. 1
دعاءِ قنوت کان پوءِ درود شريف پڙهڻ بهتر آهي ................ 1
دعاءِ قنوت ۾ بري صحبت کان بچڻ جو بيان .................... 8
اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي نئي ڪتاب نماز جو طريقو مان”
امام احمد رضا خان“ جي چوڏهن حَرفن جي نسبت سان نمازِ وتر جا
چوڏهن مَدَني گُل ........................................ 12
دعاءِ قُنوت ............................................. 13
وتر جي جماعت .......................................... 14
جنّتي گُل (واقعو) ....................................... 15
نمازِ وتر جا فضائل ...................................... 15

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# اميراهلِ سنّت کان نمازِ وتر جي باري ۾ سوال جواب

## دعاءِ جانشين اميرِاهلسنّت

ياربَّ المصطفيٰ! جيڪو بہ مڪمل رسالو ” امير اهلِ سنّت ڪان نمازِ وتر جي باري ۾ سوال جواب“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، اُن کي باجماعت نماز جي پابندي نصيب فرماءِ.اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دعاءِ قنوت ڪان پوءِ درود شريف پڙهڻ بهتر آهي

حضرتِ مُعاذ بن جبل رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه (دعاءِ) ”قنوت“ ۾ الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درودِ پاڪ پڙهندا هئا. (فضل ا لصلاةعلی النبی للقاضی الجہضمی، ص87 ، رقم:107) ”بهارِ شريعت جلد اوّل صفحي 655 تي حضرتِ علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: (نمازِ وتر جي ٽئين رڪعت ۾) دعاءِ قنوت ڪان پوءِ درود شريف پڙهڻ بهتر آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

**سوال**: نمازن ۾ وقت جي نيت ڪندا آهيون، مثلاً فجر ۾ فجر جي وقت جي، ظهر ۾ ظهر جي وقت جي تہ نمازِ وتر ادا ڪرڻ وقت ڪهڙي وقت جي نيت ڪجي؟

**جواب**: ٽي رڪعتون وتر واجب جي ئي نيت ڪنداسين، وقتِ عشاء چوڻ شرط نہ آهي ڇو تہ يقيني ڳالهہ آهي تہ نمازِ وتر عشاء ۾ ئي هوندي آهي

رڳو دل ۾ نيت جو هجڻ ئي ڪافي آهي، زبان سان چوڻ ٻه ضروري ناهي، البتہ! زبان سان چوڻ مُستَحَب آهي. (ملفوظاتِ اميرِاہلِ سنّت،قسط:156)

سوال: ڇا وتر جي ٽين رڪعت جي تڪبير ڪان پهرين هٿ هيٺ لڙڪائڻ ضروري آهن؟

جواب: وتر جي ٽين رڪعت جي تڪبير کي تڪبيرِ قنوت چوندا آهن ۽ هيءَ واجب آهي (بہارِ شریعت، 518/1، حصہ: 3) ۽ ان جي لاءِ خصوصي طور تي هٿ لڙڪائڻ جي ضرورت نہ آهي بلڪ جيئن ئي سوره فاتحہ ۽ ٻي ڪا سورت پڙهي وٺي تہ هاڻي هٿ کڻي اللّٰهُ اَكْبَر چئي وٺو ۽ پوءِ هٿ ٻڌي وٺو. (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت،469/3)

سوال: جيڪڏهن وتر ۾ تڪبيرِ قنوت (يعني دعاءِ قنوت جي لاءِ چئي ويندڙ تڪبير) چوڻ وسري وئي تہ ڇا سهو جو سجدو لازم ٿيندو؟

جواب: تڪبير قنوت واجب آهي، جيڪڏهن واجب وسرڻ سان رهجي ويو تہ سهو جو سجدو لازم آهي. (در مختار مع رد المحتار، 200/2) جيڪڏهن ڄاڻي واڻي تڪبير نہ چئي يا مسئلو معلوم نہ هئو تہ نماز ورائي پڙهڻ واجب آهي. (ملفوظاتِ اميرِاہلِ سنّت،قسط:156)

سوال: ڇا وتر واجب ۾ دُعاءِ قنوت جي جڳهہ ڪجهہ ٻيو پڙهي سگهون ٿا؟

جواب: جي ها! جيڪڏهن دُعاءِ قنوت نٿي اچي تہ ان جي جڳهہ تي "رَبِّ اغْفِرْلِيْ" يا "اَللّٰهُمَّ اغْفِرْلِيْ" چئي وٺو ۽ جيڪڏهن اهو چوڻ بہ نٿو اچي تہ "يَارَبِّيْ" ٽي ڀيرا چئي وٺو. (فتاوىٰ رضويه، 158/8)(ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت،477/2)

سوال: جيڪڏهن ڪو نمازِ وتر ۾ دعاءِ قنوت پڙهڻ وسري وڃي تہ ڇا ان جي نماز ٿي ويندي؟

جواب: دعاءِ قنوت پڙهڻ واجب هئي، جيڪڏهن وسري ويس ته سهو جو سجدو ڪري، نماز دُرست ٿي ويندي. (درمختار، 538/2-540 ملخصا) (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت،378/3)

سوال: وِتر جي ٽين رَڪعت ۾ تڪبيرِ قنوت جي وقت هٿ کڻڻ جو ڇا سبب آهي؟
جواب: (ڇوته) شريعت ۾ ان جو حڪم آهي. نماز شروع ڪرڻ وقت تڪبيرِ تحريمه ۾ به ته هٿ کڻندا آهيون، نمازِ وتر جو طريقو جيڪو شريعت بيان ڪيو آهي ان جي ٽين رڪعت ۾ تڪبيرِ قنوت آهي ۽ اها چوڻ واجب آهي. (فتاویٰ ہندیہ، 72/1۔ بہارِ شریعت، 518/1، حصہ:3) پر هٿ کڻڻ سنّت آهي.
(در مختار مع رد المحتار، 200/2 ۔ بہارِ شریعت، 521/1، حصہ:3) (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، 209/5)

سوال: اسان وتر جي ٽين رڪعت ۾ دعاءِ قنوت پڙهڻ کان پهريان سوره اخلاص پڙهندا آهيون، اهو اِرشاد فرمائيندا ته ڇا سوره اخلاص کان علاوه ڪا بي سورة به پڙهي سگهون ٿا؟

جواب: وتر جي ٽين رڪعت ۾ سوره فاتحه کان پوءِ سوره اخلاص پڙهڻ ئي ضروري ناهي بي ڪا به سورت پڙهي سگهو ٿا. (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، 442/6)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

سوال: جيڪڏهن امام وتر پڙهائيندي تڪبيرِ قنوت چئي ۽ مقتدي رڪوع ۾ هليا وڃن ته ڇا رڪوع مان واپس اچي ڪري دعاءِ قنوت پڙهي سگهن ٿا چو ته انفرادي طور تي وتر پڙهڻ ۾ ايئن ٿئي ته رڪوع مان واپس اچي ڪري قنوت پڙهڻ جي اجازت ناهي هوندي؟ (ريڪارڊ ٿيل سُوال)

جواب: امام جي پيروي واجب آهي، ”جيڪي شيون فرض ۽ واجب آهن مقتدي تي واجب آهي ته امام سان گڏ انهن کي ادا ڪري.“ (بہارِ شریعت، 519/1، حصہ: 3) لهذا مقتدي رڪوع ۾ هليو وڃي ته واپس اچي وڃي ۽ امام سان گڏ دعاءِ قنوت پڙهي. (ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت،436/2)

سوال: ڪو ماڻهو وتر جي ٻي رڪعت ۾ شامل ٿيو ۽ ٽين رڪعت ۾ امام سان گڏ دعاءِ قنوت پڙهي ته ڇا هو پنهنجي ٽين رڪعت ۾ ٻيهر دعاءِ قنوت پڙهندو؟

جواب: ٻي رڪعت ۾ دعاءِ قنوت پڙهي ڇڏي ته ٽين رڪعت ۾ ٻيهر پڙهڻ جي حاجت ناهي، ٽين رڪعت ۾ سورة الفاتحہ ۽ ٻي ڪا سورت ملائي ڪري نماز مڪمل ڪري. (ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت،قسط:156)

سوال: امام جي پويان جيڪڏهن وتر جي پهرين قعدي ۾ پل ۾ اَلتَّحِيَّاتُ کان پوءِ درود شريف پڙهي ورتو ته ڇا وتر ٻيهر پڙهڻو پوندو؟

جواب: مقتدي وتر جي نماز ۾ امام جي پويان ڄاڻي واڻي پهرين قعدي ۾ التحيات کان پوءِ درود شريف نه پڙهي. جيڪڏهن بي خيالي ۾ پڙهي ورتو ته ان ۾ ڪو حرج ناهي. (غنية المتملی، ص 421) (ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت،497/6)

سوال: نمازِ تراويح کان پهريان نمازِ وتر پڙهي سگهجي ٿي يا نه؟

جواب: پڙهي ته سگهجي ٿي مگر بهتر اهو ئي آهي ته پهرين تراويح پڙهجي. (در مختار مع رد المحتار، 597/2)(ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت،230/6)

سوال: ڪجهه ماڻهو عشاء جا چار فرض، ٻه سنّتون، ٻه نفل ۽ ٽي وتر پڙهندا آهن ۽ باقي ڇڏي ڏيندا آهن، ايئن ڪرڻ ڪيئن آهي؟

جواب: عشاء جي نماز ۾ چار فرض آهن، ان کان پوءِ جون ٻه سنّت موکّده ۽ ٽي وتر پڙهڻ ضروري آهن. (ہمارا اسلام،ص 26) ان کان علاوه فرض کان پهريان چار رکعتون سنّتِ غير موکّده، ٻه سنّتن کان پوءِ ٻه نفل ۽ وتر کان پوءِ ٻه نفل ٻه پڙهڻ گهرجن، ثواب ملندو. البتہ جيکڏهن کو نٿو پڙهي تہ گنهگار نہ ٿيندو. (در مختار مع رد المحتار، 545/2) (ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت،382/3)

سوال: قضاءِ عمري کهڙين نمازن جي هوندي آهي؟ (نگرانِ شوريٰ جو سوال)

جواب: قضاءِ عمري صرف فرض ۽ وتر جي هوندي آهي هڪ ڏينهن جون 20 رکعتون بڻجن ٿيون: ٻه فرض نمازِ فجر جا، چار فرض نمازِ ظهر جا، چار فرض نمازِ عصر جا، ٽي فرض نمازِ مغرب جا، چار فرض نمازِ عشاء جا ۽ ٽي وتر. (ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت، ص 125) (ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت، 274/2) سنّت ۽ نفل جي قضاء ناهي. (درمختار مع رد المحتار، 633/2 ماخوذا) البتہ جيکڏهن فجر جي قضا انهيءَ ڏينهن نصفُ النهار شرعي کان پهريان ڪئي تہ فجر جي سنّت ادا ڪرڻ مستحب آهي نہ تہ صرف فرض ئي ادا ڪري.
(ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت،274/2)

سوال: ڇا عشاء جي فرض ۽ وتر جي قضا الڳ الڳ ڪري سگهجي ٿي؟

جواب: جيئن صبح جو عشاء جا فرض پڙهيا ۽ شام جو وتر پڙهيو اهڙي طرح ادائيگي ٿي تہ ويندي پر ڪوشش اها ئي هجڻ گهرجي تہ قضا نماز جلد از جلد ادا ڪري ڇڏجي. ها! جيڪڏهن ڪو صاحبِ ترتيب آهي تہ ان کي اڳين نماز پڙهڻ کان پهرين پوئين نماز پڙهڻي پوندي. (بہارِ شریعت، 703/1، حصہ: 4 ماخوذا) جيئن جيڪڏهن ڪنهن جي نمازِ عشاء قضا ٿي وئي ۽ ان ٿي ڇهن نمازن کان گهٽ نمازون قضا آهن تہ ان تي فرض آهي تہ اهو فجر جي نماز پڙهڻ کان پهرين قضا نمازون ادا ڪري وٺي جيڪڏهن هي

قضا پڙهڻ کان پهريان فجر پڙهندو ته فجر نه ٿيندي. البته فجر جو وقت ايترو تنگ رهجي ويو جو جيڪڏهن قضا پڙهڻ ويهندو ته وقت نڪري ويندو ته فجر ٿي پڙهي جو هن صورت ۾ فجر پڙهڻ ۾ ڪو حرج ناهي ان جي فجر ادا ٿي ويندي. (بہارِ شریعت، 703/1، حصہ: 4 ماخوذا) مگر اهي قضائون اجا به ان جي ذِمّي باقي رهنديون. جيڪڏهن ڪنهن جون ڇهه نمازن کان وڌيڪ نمازون قضا آهن يعني ڇهين نماز جو وقت به نڪري چڪو آهي ته هي هينئر صاحبِ ترتيب نه رهيو هاڻي ان جي لاءِ اجازت آهي ته چاهي ته ان وقت جي نماز پهريان پڙهي يا زندگي جي ڪا به قضا نماز پهريان پڙهي. (بہارِ شریعت، 705/1، حصہ: 4 ماخوذاً) جن تي گهڻين نمازن جي قضا آهي اهي Confused (ڪنفيوز) نه ٿين ته اسان جي ڪا نماز ٿيندي ئي ناهي ايئن نه آهي. جيڪڏهن هو صاحبِ ترتيب ناهي ته پنهنجي وقتي نمازن سان گڏوگڏ قضا به پڙهندو رهي ته انهن قضا نمازن کي جلد از جلد ادا ڪرڻ واجب آهي لهذا کائڻ پيئڻ ۽ روزگار ڪمائڻ کان علاوه جيڪو وقت بچي ان ۾ تمام نمازون پڙهي. [1] (ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت، 437/1)

**سوال:** ڪو ماڻهو ناپاڪ هجي ۽ ان کي ياد نه رهي ته هو ناپاڪ آهي ۽ انهيءَ حالت ۾ نمازون پڙهي ته انهن نمازن جو ڇا حڪم آهي؟ (SMS جي ذريعي سُوال)

**جواب:** ناپاڪي يعني بي غسل هجڻ جي حالت ۾ پڙهيل نمازون ٿيون ئي ڪونه انهن کي ٻيهر پڙهڻ ضروري آهي. (بہارِ شریعت، 282/1، حصہ: 2ماخوذا)

---

1 ...قضا نمازن جي آسان ادائيگي جي باري ۾ معلومات جي لاءِ اميرِ اهلسنّت جو رسالو قضا نمازن جو طريقو پڙهو يا دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ تا فري ڊائون لوڊ ڪيو. ان شاء الله الكريم معلومات ۾ اضافو ٿيڻ سان گڏ قضا نمازن جا شرعي مسائلن جو علم حاصل ٿيندو.

جيڪڏهن وقت نڪري چڪو آهي تہ فرض جي قضا ڪري ۽ وتر ۾ ايئن ٿيو آهي تہ ان جي بہ قضا ڪري.[1] (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت،274/2)

**سوال:** مالڪ (يعني سيٺ) چوي ٿو تہ صرف نماز جا فرض پڙهي ڪري بيهر ڪم شروع ڪر. جيڪڏهن مان ان جي ڳالهہ نٿو مڃان ۽ پوري نماز پڙهي ڪري ڪم شروع ڪيان ٿو تہ ڇا منهنجي نماز ٿي ويندي؟

**جواب:** جڏهن فرض ادا ڪري ڇڏيو تہ نماز ٿي ويندي پر سُنّتِ مُؤکَّده بہ ترڪ نہ ڪيون وڃن انهن جي ادا ڪرڻ جي بہ تاڪيد آهي، وتر بہ ڇو تہ واجب آهي تنهنڪري وتر بہ پڙهيو ويندو. البتہ سيٺ نفل پڙهڻ کان منع ڪري ٿو تہ پوءِ نفل نہ پڙهيا وڃن.

(بہارِ شريعت، 161/3، حصہ: 14 ماخوذا) (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت،36/2)

**سوال:** جيڪڏهن تراويح پڙهڻ وسري وڃي تہ وتر کان پوءِ پڙهي سگهجن ٿيون؟

**جواب:** وتر کان پوءِ تراويح پڙهڻ ۾ ڪو حرج ناهي.

(بہارِ شريعت، 689/1، حصہ: 4 ماخوذا) (ماہنامہ فيضانِ مدينہ ،اپريل 2021)

**سوال:** عورتن جو تخت تي نماز پڙهڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** عورت هجي يا مرد، تخت تي نماز پڙهڻ ۾ ڪو حرج ناهي

---

[1] اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا (سنّت فجر) جيڪڏهن فرض سان گڏ قضا ٿي هجي تہ ضحويٰ ڪُبريٰ اچڻ تائين ان جي قضا آهي ان کان پوءِ ناهي ۽ جيڪڏهن فرض پڙهي ڇڏيو سنّتون رهجي ويون آهن تہ سج چڙهڻ کان بعد انهن جو پڙهڻ مستحب آهي قبل طلوع رَوا (يعني جائز) ناهي.

(فتاوىٰ رضويہ، 145/8)

جڏهن تہ سجدو دُرُست طريقي سان ڪيو وڃي.[1] البتہ بعض عورتون جڏهن تخت تي نماز پڙهنديون آهن تہ ويهي پڙهنديون آهن، تہ جيڪڏهن فرض نماز آهي يا فجر جون سنّتون آهن يا وتر آهن تہ انهن کي بغير شرعي اجازت جي ويهي ڪري پڙهڻ جائز ناهي، ڇوتہ انهن نمازن ۾ قيام فرض آهي. (در مختار مع رد المحتار، 163/2) ها! نفل ويهي ڪري پڙهي سگهجن ٿا. (تنوير الابصار، 584/2) ليڪن انهيءَ صورت ۾ اڌ ثواب ملندو (جڏهن تہ بغيرعذر جي ويهي پڙهي) (مسلم، ص 289، حديث: 1715) (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت،563/3)

## دعاءِ قنوت ۾ بري صحبت کان بچڻ جو بيان

سوال: بُري صحبت کان ڪيئن بچي سگهجي ٿو؟ (حسّان نسيم عطاري. Facebook جي ذريعي سُوال)

جواب: ڪنهن شيءِ کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجھ نہ ڪجھ وڃائڻو پوندو آهي، بُري صحبت ۾ جيتوڻيڪ لذّت گهڻي هوندي آهي، انهيءَ ڪري ان کي ڇڏڻ ۾ بہ ٿوري تڪليف ٿيندي، پر ان جي نقصانن تي غور ڪرڻ گهرجي تہ بُري صحبت اهڙي خطرناڪ هوندي آهي جو ايمان بہ برباد ڪري سگهي ٿي. حضرتِ مولانا جلال الدين رومي رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه فرمائن ٿا:

تاتُوانی دُور شَو اَز یارِ بد          مارِ بد تنہا ہمیں بر جاں زَنَد
یارِ بد بدتر بُوَد اَز مارِ بد          یارِ بد بَر دِین و بَر ایماں زَنَد

(مثنوی مولانا روم)

[1] ڪنهن نرم شيءِ مثلاً گاھ، ڪپھ، قالين وغيره تي سجدو ڪيو تہ جيڪڏهن پيشاني جمي وئي يعني ايتري دٻجي جو هاڻي دٻائڻ سان نہ دٻجي تہ جائز آهي، نہ تہ نہ. (بہار شریعت،514/1،حصہ:3)

”يعني جيستائين ٿئي سگهي بري دوست کان پري رهو جو بُرو دوست نانگ کان بہ وڌيڪ نقصان وارو هوندو آهي. نانگ تہ صرف ساهہ ڪڍندو آهي جڏهن تہ بُرو يار ايمان کسيندو آهي.“ اڄڪلهہ دوستن جي ويهڪ ۾ غيبت چغليون ۽ ٻين گناهن سان گڏوگڏ نَعُوْذُبِالله ڪفريات بہ هلي رهيا هوندا آهن، ايئن بُري صحبتن ۾ ايمان ضايع ٿيڻ جو خطرو آهي. مڪي جي ڪافر عقبہ بن ابي مُعَيط جو واقعو آهي تہ هن ايمان آندو هو، پر پوءِ ان جي دوست ان کي طعنو ڏنو ۽ Convine (يعني آماده) ڪيو تہ هو مرتد ٿي ويو، (تفسير خازن، پ 19، الفرقان، تحت الآية: 27، 371/3) قرآن ڪريم اُن جو اهو قول نقل ڪيو آهي تہ اهو قيامت جي ڏينهن افسوس مان چوندو:

يٰوَيْلَتٰى لَيْتَنِىْ لَمْ اَتَّخِذْ فُلَانًا خَلِيْلًا ﴿۲۸﴾
(پ19، الفرقان:28)

**ترجمو ڪنزالايمان:** وائي خرابي منهنجي هاءِ ڪهڙي طرح مان فلاڻي کي دوست نہ بڻايو هجي ها.“

بُرو دوست اِيمان کسي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن ايمان نہ بہ کسي تہ بُرائين ۾ ضرور وجهي ڇڏيندو آهي. اڪيلو ماڻهو عام طور گناهہ گهٽ ڪندو آهي، پر جڏهن بُرو دوست ملندو آهي تہ غيبت ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي ۽ گناهن جي planing (منصوبہ بندي) شروع ٿي ويندي آهي، انهيءَ ڪري سٺو دوست اڪيلائپ کان بهتر آهي ۽ بُري دوست کان اڪيلائپ چڱي آهي. دوست اهڙو هئڻ گهرجي جنهن کي ڏسي خدا ياد اچي وڃي ان جي ڳالهين مان نيڪيون ۽ عمل ۾ اضافو ٿئي، ان جي گفتگو سان الله پاڪ جو خوف، آخرت جو پَوَ ۽ جنّت جو شوق پيدا ٿئي ۽ اهو جهنّم جي عذاب کان ڊيڄاري انهيءَ لاءِ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ عاشقانِ رسول جي صحبت ۾ رهڻ گهرجي، ڇوتہ اها سني

صحبت آهي، جڏهن اسان وتر جي نماز پڙهندا آهيون تہ اُن ۾ هي بہ پڙهندا آهيون: ”وَنَخْلَعُ وَنَتْرُكُ مَنْ يَّفْجُرُكَ“ ياالله! مان تنهنجي فاجر (يعني نافرمان) بانهي کي ڇڏيان ٿو. جڻ تہ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عهد ۽ واعدو ڪري رهيو آهي تہ ”مان تنهنجي نافرمان بانهي کي ڇڏيان ٿو“ پر سلام ڦيريندي ئي نافرمان ماڻهو جي صحبت ۾ وڃي ڪري ويهي رهندو آهي. الله پاڪ اسان سڀني کي بُري صحبت کان بچائي ۽ سٺي صحبت نصيب فرمائي. مڪتبة المدينہ جي ڪتابن جو مُطالعو بہ سٺي صحبت آهي، ايئن ئي مَدَني چينل جي صحبت بہ مدينو مدينو آهي، ڇو تہ ان کان گهٽو ڪجهہ سکڻ لاءِ ملندو آهي ۽ بانهو گناهن کان بچي ويندو آهي.

سوشل ميڊيا جي صحبت خطرناڪ آهي. هي بہ ڪنهن وقت ايمان کي برباد ڪري ڇڏيندي هوندي ۽ انهيءَ جي خبر بہ نہ پوندي هوندي، ڇو تہ سوشل ميڊيا تي بہ هڪ کان هڪ ڪفريا Dialogues (يعني جملا) ڳالهايا ويندا هوندا ۽ طرح طرح جون واهيات ڳالهيون بڪيندا هوندا. انهيءَ ڪري سوشل ميڊيا جو User (يعني استعمال ڪرڻ وارو) خطري ۾ وڪوڙيل رهندو آهي، سوشل ميڊيا تي هر طرح جو ڪلپ Viral (يعني عام) ٿي رهيو هوندو آهي، هڪ جيڪا چوٽي آهي تہ ”ٻڌو سڀني جي ڪيو پنهنجي“ اها قرآن ۽ حديث جي خلاف آهي ۽ غلط آهي. شريعت سڀني جي مثلاً بدمذهب جي ٻڌڻ کان منع ڪيو آهي، حضرتِ سَيِّدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي سرڪار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ”تورات شريف“ جا ورق پڙهڻ کان منع (ڪندي) فرمايو هو تہ موسيٰ علیہ السلام بہ هن وقت هجن ها تہ انهن کي بہ منهنجي پيروي کان سواءِ ڪا راهہ نہ هجي ها. (مشكاة المصابيح، 1/57، حديث: 194) تورات شريف، زبور شريف ۽ اِنجيل

شريف جن ۾ تحريف ناهي ٿي اهي بيشڪ الله پاڪ جو ڪلام آهن ۽ انهيءَ جي طرفان نازل ڪيل آهن، انهن جي هڪ هڪ حرف تي اسان جو ايمان آهي. (تفسير خازن، پ 3، البقرة، تحت الآية: 285، 225/1) پر هاڻي چو ته انهن جا احڪام منسوخ ٿي چڪا آهن ۽ انهن ۾ تبديلي به ٿي چڪي آهي انهيءَ ڪري هاڻي جيڪڏهن ڪو انهن کي پڙهندو ته Confuse (يعني منجهي) پوندو، انهيءَ ڪري انهن کي پڙهڻ جي اجازت ناهي. حضرتِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ تمام وڏا عالم هئا جڏهن انهن کي منع ڪيو ويو ته مان ۽ توهان ڪير آهيون؟ اسان وٽ ڪيترو علم آهي؟ اسان سوچيندا آهيون ته "هُن جو ڪتاب پڙهي ونون، هُن جي تقرير ٻڌي ونون، هُن جي ڪلپ ڏسي ونون، هن جي پيج (Page) جو جائزو وٺي ونون ته انهيءَ جا ڇا ڳالهايو آهي." پوءِ جلدي مان ان کي Viral به ڪري ڇڏيندا آهيون. الله پاڪ کان ڊڄڻ گهرجي. هاڻي ته ڪير ڪجهه نٿو چوي، نه ايئن لڳي ٿو ته ڪجهه ٿيو آهي، پر مرڻ جو وقت ايندو تڏهن خبر پوندي.

شَرحُ الصُّدور ۾ آهي ته "هڪ شخص جي موت جو وقت آيو، ان کي ڪلمي جي تلقين ڪئي وئي پر اهو پڙهي نه پئي سگهيو ۽ چئي رهيو هو هي ماڻهو مون کي نظر اچي رهيا آهن، هي چون ٿا ته توکي ڪلمون ڪونه پڙهڻ ڏينداسين، چوته تون انهن ماڻهن جي صحبت ۾ رهندو هُئين جيڪي حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ۽ حضرتِ سَيِّدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي بُرو ڀلو چوندا هئا." (شرح الصدور، ص 38) سوشل ميڊيا جا هي غلط معاملات اِيمان جي بربادي ۽ بُري خاتمي جو سبب بڻجي سگهن ٿا. الله پاڪ ۽ ان جا محبوب ناراض ٿي سگهن ٿا، انهيءَ ڪري مهرباني ڪري صرف دعوتِ اسلامي ۽ علماءِ اهلسنّت جا ڪلپ ڏسو ۽ انهن کي ئي Viral ڪيو، ان جي ذريعي گناهن کان به حفاظت ٿيندي ۽

ايمان بہ تازو ٿيندو. جيڪڏھن توھان منھنجي ڳالھ سمجھڻ بدران مون کي بُرو ڀلو چوندؤ تہ اجان وڌيڪ توھان جي آخرت تباھ ٿيندي، چوتہ مون کا غلط ڳالھ ناھي ڪئي، جيڪڏھن توھان منھنجي ڳالھ مڃي ونندؤ تہ مون کي ڪھڙي جائيداد يا رقم ملي پوندي. مان تہ اللّٰہ پاڪ ۽ ان جي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رِضا چاھيان ٿو. جيڪڏھن اھي راضي ٿي وڃن تہ پوءِ ڪو بيو راضي ٿئي ٿو يا ناراض، مون کي ڪھڙي پرواھ!! بس رب ۽ ان جو محبوب راضي ٿي وڃن تہ ٻنھي جھانن ۾ ٻيڙو پار آھي. (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت،5/55)

## اميرِ اھلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي نئي ڪتاب نماز جو طريقو مان" امام احمد رضا خان" جي چوڏھن حَرفن جي نسبت سان نمازِ وتر جا چوڏھن مَدَني گُل

﴿1﴾نمازِ وتر واجب آھي. ﴿2﴾ جيڪڏھن رھجي وڃي تہ ھِن جي قضا لازم آھي. (فتاوٰی ہنديہ، 111/1) ﴿3﴾ وتر جي نماز عشاء جي فرضن کان پوءِ صبح صادق کان پھريان پڙھڻ ضروري آھي. عشاء ۽ وتر جو وقت ھڪڙو ئي آھي، پر پاڻ ۾ انھن ۾ ترتيب فرض آھي تہ عشاء کان پھريان وتر جي نماز پڙھي تہ ٿيندي ئي نہ، جيتوڻيڪ ڀلجي ڪري وتر پھريان پڙھي ڇڏيا يا بعد ۾ معلوم ٿيو تہ عشاء جي نماز بي وضو پڙھي ھئي ۽ وتر وضو سان تہ وتر ٿي ويا. (فتاوٰی ہنديہ، 51/1۔ بہارِ شريعت، 451/1، حصہ: 3) ﴿4﴾ جنھن کي رات جي آخر ۾ جاڳڻ تي اعتماد ھجي تہ بھتر اھو آھي تہ پوئين رات (يعني رات جي آخري ڇھين حصي) ۾ وتر پڙھي، نہ تہ عشاء کان پوءِ پڙھي. (بہارِ شريعت، 658/1، حصہ: 4) ﴿5﴾ وتر جون ٽي رڪعتون آھن. (درمختار، 532/2) ﴿6﴾ ھن ۾ قعدہ اُولٰي واجب آھي، صرف تشھد پڙھي ڪري اٿي

بيهو. ﴿7﴾ ٽئين رڪعت ۾ قراٰت ڪان پوءِ تڪبيرِ قنوت (اَللّٰهُ اَكْبَرُ) چوڻ واجب آهي. (بہارِشريعت، 521/1، حصہ: 3) ﴿8﴾ جهڙي طرح تڪبيرِ تحريم چوندا آهيون اهڙي طرح پهريان هٿ ڪنن تائين کڻجن پوءِ اَللّٰهُ اَكْبَرُ چئو. ﴿9﴾ پوءِ هٿ ٻڌي دعاءِ قنوت پڙهو.

## دعاءِ قُنوت

اَللّٰهُمَّ اِنَّا نَسْتَعِيْنُكَ وَنَسْتَغْفِرُكَ، وَنُؤْمِنُ بِكَ وَنَتَوَكَّلُ عَلَيْكَ، وَنُثْنِيْ عَلَيْكَ الْخَيْرَ، وَنَشْكُرُكَ وَلَا نَكْفُرُكَ، وَنَخْلَعُ وَنَتْرُكُ مَنْ يَّفْجُرُكَ، اَللّٰهُمَّ اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَلَكَ نُصَلِّيْ وَنَسْجُدُ، وَاِلَيْكَ نَسْعٰى وَنَحْفِدُ، وَنَرْجُوْا رَحْمَتَكَ وَنَخْشٰى عَذَابَكَ، اِنَّ عَذَابَكَ بِالْكُفَّارِ مُلْحِقٌ

**ترجمو:** اي الله! اسان تو ڪان مدد گهرون ٿا ۽ توڪان بخشش گهرون ٿا ۽ توتي ايمان آڻيون ٿا ۽ توتي ڀروسو رکون ٿا ۽ تنهنجي تمام سٺي تعريف ڪيون ٿا ۽ تنهنجو شڪر ڪيون ٿا ۽ تنهنجي ناشڪري ناهيون ڪندا ۽ الڳ ڪيون ٿا ۽ ڇڏيون ٿا ان شخص کي جيڪو تنهنجي نافرماني ڪري. اي الله! اسان تنهنجي ئي عبادت ڪندا آهيون ۽ تنهنجي لاءِ ئي نماز پڙهندا آهيون ۽ سجدو ڪندا آهيون ۽ تنهنجي اطاعت ڏانهن ڊوڙندا ۽ جلدي ڪندا آهيون ۽ تنهنجي رحمت جا اُميدوار آهيون ۽ تنهنجي عذاب ڪان ڊڄون ٿا بيشڪ تنهنجو عذاب ڪافرن کي ملڻ وارو آهي. ﴿10﴾ دُعاءِ قنوت ڪان پوءِ درود شريف پڙهڻ بهتر آهي. (بہارِ شريعت، 655/1، حصہ: 4) ﴿11﴾ جيڪو دعاءِ قنوت نہ پڙهي سگهي اهو هي

پڙهي:

(اَللّٰهُمَّ) رَبَّنَآ اٰتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّفِي الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ

اي الله! اي رب اسان جا! اسان کي دنيا ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي آخرت ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ.

يا ٽي ڀيرا هي پڙهو: ”اَللّٰهمَّ اغْفِرْلِیْ“ يعني اي الله منهنجي مغفرت فرماءِ ڇڏ. (غنيہ، ص 418) ﴿12﴾ جيڪڏهن دعاءِ قنوت پڙهڻ وسري وئي ۽ رڪوع ۾ هليو ويا ته واپس نه موٽو بلڪ ”سهو جو سجدو“ ڪري ڇڏيو. (فتاوٰی ہنديہ، 111/1) ﴿13﴾ وتر جماعت سان پڙهي ويندي هجي (جيئن رَمَضانُ الْمُبارَڪ ۾ پڙهندا آهن) ۽ مقتدي قنوت کان فارغ نه ٿيو هو ته امام رُڪوع ۾ هليو ويو ته مقتدي به رُڪوع ۾ هليو وڃي. (فتاوٰی ہنديہ، 111/1) ﴿14﴾ مَسبُوق (جنهن کي پوري جماعت نه ملي هجي) امام سان گڏ قنوت پڙهي (ته) بعد ۾ نه پڙهي ۽ جيڪڏهن (ڪو ماڻهو) امام سان گڏ ٽين رڪعت جي رڪوع ۾ مليو آهي ته بعد ۾ جيڪو پڙهندو ان ۾ قنوت نه پڙهي. (فتاوٰی ہنديہ، 111/1)

## وتر جي سلام کان بعد جي هڪ سنت

سرڪار دو عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن وتر جو سلام ورائيندا هئا ته ٽي ڀيرا **سُبْحٰنَ الْمَلِكِ الْقُدُّوْس چوندا** ٽين ڀيري وڏي آواز سان **چوندا** (نسائی، ص 299، حديث: 1729 ) (نماز کا طريقه ، ص77-79 )

## وتر جي جماعت

رَمَضان شريف ۾ وتر جماعت سان گڏ پڙهڻ افضل آهي چاهي انهيءَ

امام جي پويان جنهن جي پويان عشاء ۾ تراويحون پڙهيون يا ٻئي جي پويان. (درمختارمع ردالمحتار،606/2)

## جنّتي گُل (واقعو)

حضرت ابوسليمان دَارَاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: حضرت ابن ثوبان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي هڪ ياءُ سان واعدو ڪيو ته رات جو ڪاڙو ان وٽ ڪائيندا پر ڪنهن سبب سان نه اچي سگهيا ايسيتائين جو صبح ٿي وئي. اڳئين ڏينهن جڏهن ان سان مُلاقات ٿي ته انهن چيو: ”توهان مون سان واعدو ڪيو هو ته رات جو ڪاڙو مون وٽ ڪائيندا پوءِ واعدي خلافي چو ڪئي؟ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو: ”جيڪڏهن منهنجو توسان واعدو نه هجي ها ته مان توهان کي ڪڏهن نه ٻڌايان ها ته مون کي توهان وٽ اچڻ کان ڪهڙي شيءِ روڪيو! جڏهن مان عشاء جي نماز پڙهي ته سوچو ته توهان وٽ اچڻ کان پهريان وتر پڙهي وٺان ڪٿي ايئن نه ٿئي جو موت اچي وڃي. جيئن ته جڏهن مان دعاءِ قنوت پڙهڻ لڳس ته منهنجي سامهون هڪ سائو باغ آندو ويو جنهن ۾ طرح طرح جا جنتي گُلَ هئا، مان انهن کي ڏسندو رهيس ايسيتائين جو صبح ٿي وئي.“ (احيا ءالعلوم،382/1)

## نمازِ وتر جا فضائل

حضرتِ جابر رَضِیَ اللهُ عَنۡه کان روايت آهي ته الله جي مَحبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو:”جنهن کي اهو خوف هجي ته رات جي آخري پَهَر ۾ جاڳي نه سگهندس، ان کي گهرجي ته اهو سمهڻ کان پهرين ئي وتر ادا ڪري ڇڏيندو ڪري ۽ جنهن کي اهو خوف نه هجي ته ان کي گهرجي ته رات

جي آخري پهر ۾ وتر ادا ڪندو ڪري ڇوته رات جي آخري پهر جي نماز ۾ ڏينهن ۽ رات جا ملائڪ (يعني فرشتا) حاضر ٿيندا آهن.“

(مسلم ، حديث:1766،ص 396)

حضرتِ خارجہ بن حُذَافہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا تہ هڪ ڀيري رسول پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان وٽ تشريف وٺي آيا ۽ فرمايو: ”بيشڪ الله پاڪ توهان جي مدد هڪ اهڙي نماز جي ذريعي سان فرمائي آهي جيڪا توهان جي حق ۾ ڳاڙهي اٺن کان بهتر آهي ۽ اها نمازِ وتر آهي ۽ ان کي توهان جي لاءِ عشا کان طلوعِ فجر جي درميان رکيو آهي.“

(ابو داؤد ، 88/2، حديث :1418)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو "فڪرِ مدينہ" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ "**مدني انعامات**" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل










عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net